سنت مالا

۱۰۹۳ - ۱۰۹۶

جون - جولاءِ ۱۹۸۵

گيتا: سکيا ۽ سار

[٣٤]

۳ رپيا

واسواڻي

وشيه سوچي

ضروري سوچنا

پاٺڪن کي خبر آهي تہ ڀڳي ۽ ڇپائي ۽ ٽپال جا خرچ ڪيڏا نہ وڌي ويا آهن! گذريل ٣٢ سالن ۾ چندو ٥ رپيا هو، جو ١٩٨٢ع ۾ وڌائي ١٠ رپيا ڪيو ويو.

سھوڻط

۷ رشين ۽ ۴ مٺن

جي ڪمل ڇولن ٻر!

ٻه اکر

سنتمت مالا جو ٽئون ٻيل نمبر گيتا : سکيا ۽ سار - ڀاڱو ٤٣ جون ۽ جولاءِ ١٩٨٥ جو پرڪاش ٿئي ٿو!

هن نمبر ۾ گيتا جي ١٠ اڌيائن جي شلوڪ ٦ تي پياري دادا جا اپديش ڏنل آهن. اهو شلوڪ کهڙو نه عجب آهي :-

سنت مها رشي، اڳي جي آيا، ۽ منوُ چار منهنجي
سنڪلپ مان ئي ته آيا :
منهنجا ڀاو آهن، هي لوڪ سارا تن مان پڌاريا.

پيارو دادا پنهنجي اڪ اپديش ۾ ١٠ اڌيائن جو ذڪر ڪندي چوائو :-

* گيتا ڇا آهي؟ جڏهن ڇڪور جنگ ڏسي وشرام پائي، تڏهن گيتا آهي امرت جيون لاءِ. سچي گروءَ جي سکيا دل مان ٻڌ ڪندي چلڻي ٿي! تڏهن هري ڪرشن جي سکيا ارجن کي ڪيڏي نه همت ڏني ٿي!

مهانگائي وڌي آهي وڃي. انڪري مئي ١٩٨٥ع کان سنت مالا جو ساليانو چندو ١٥ رپيا ڪيو ويو آهي. ولايت لاءِ ساليانو چندو ٥٠ رپيا آهي. لائيف ميمبر شپ في هن طرح آهي:-

ڀارت لاءِ: ٣٠٠ رپيا

ولايت لاءِ: ٣٠ پائونڊ يا ٦٠ ڊالر يا اُن جي برابر.

داس کي آس آهي ته ڀائڪ پياري دادا جي ٻاڻي، سنت مالا، ساڳئي شوق ۽ پيار سان پڙهندا ۽ هميشائيندا، جنهن دادا جي ڪيتري ٻاڻي جا اُجا ڇپيل روپ ۾ ڪين آئي آهي، سا ڇپائي وڃي.

هڪ هڪ ڀائڪ جيڪر سنت مالا پاڻ پڙهي ۽ ٻين کي پڙهائي! ڪين سوکڙي ڪري موڪلي!

مني آرڊر فارم موڪلڻ لاءِ سکيون چو ته پوسٽ ۾ ڪتاب سان موڪلڻ جي موڪل ڪمن آهي. ان ڪري ڊبل پوسٽ ڪارڊ ڊئاران اُوهان کي ڇٽايو وڃي ٿو. اُوهين مني آرڊر موڪلڻ وقت سلپ تي پنهنجو Subscriber Number ضرور لکندا جنهن ڪالي ۾ اُوهانجا پيسا داخل ڪيا وڃن.

مئنيجر

اهڙا انسان آهن جيڪي ٻئون ۾ پارس. پارس ڇهي لوهه کي ته لوهه به سون ٿي پوي. اهڙا انسان جي ڪٿهن ٿي آسيس ڪن، ڪٿهڪي سُپرش ڪن، ڪٿهن کي سنگ ۾ وهارڻ، ڪٿهن کي نظرسن نهارڻ ته اُن کي نهال ڪري ڇڏڻ.

'الک لدري ندر نهال.'

گيتا جي ١٠ ادياءِ جو نالو آهي 'وڀوتي يوگ'. وڀوتي معنيٰ وشيش. Special manifestations of the Most High هي اَرجن! پرڀوءَ جا ڪي خاص روپ آهن، جن جو ذڪر مان ڪرڻ چاهيان ٿو.

اَرجن! سرشٽي ساري آتمي مهندو سروپ. اَرجن! اهن سرشٽي ساريءَ جو ٻج آهي سنڪلپ:- "ايڪو هم ٻهوُ شيامي." I am One; I shall be many. اِن سنڪلپ مان اَرجن! آئي پرڪرتي ساري.

اَرجن ٻارا! پرڪرتيءَ کان پوءِ اِڪ ٻي ڌارا پرڀوءَ مان آئي. اها آهي چيتن ڌارا! پوءِ جيو آيا. جيو ڇا آهي؟ A centre of consciousness. اُوهان مان هڪ هڪ کي چيتن شڪتي آهي. ٻهوڻ معدو پيدا ٿيو ۽ پوءِ چيتن ڌارا آئي! پوءِ volution ٿئي ٿو. اَرجن! هاڻي سڄ ته اِهو چڪر ڪيئن ٿيو؟ ٻهوڻ جڏهن چيتن ڌارا آئي تڏهن ٧ رشي ۽ ٤ منوُ پرڪاش ٿيا.

هري ڪرشن ارجن کي اڌياءِ ١٠ ۾ چوي ٿو :-
' ڀڳوان جو روپ الهي ڌرتي، ڪو مڪان. جت وڃو، جت نهاريو، اتي آهي ڀڳوان جو روپ. ارجن! اهي روپ منهنجا، انجو انت ڪونهي. ڀڳوان جي روپن انت ڏيون ۾ ڪين پاتو آهي.' گروجن پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا ته :-

' انت نه پاوت ڏيو سهس مُن،
اندر مها ٿو جوڳ ڪري.'

گروجن چون ٿا ته اندر ۽ ٿو جي ڪيڏا نه جوڳ ڪمائن ٿا، سيئي ديوتائون ۽ منشور، ڀڳوان جو انت نٿا پائي سگهن.

جئن مڇلي پاڻيءَ ۾ رهي، پر ساگر جو انت نٿي پائي سگهي، تئين ڀڳوان جي روپن جو انت ڪير پائي سگهي؟ جئن هڪ ننڍو پکي آسمان کي ماپي سگهي ڪين، تئين جيو وچارو ڀڳوان جي روپن جو انت نٿو پائي سگهي.

پر ڪي اهڙا گرمک آهن جي گروءَ جي سنگ ۾ رهن، جي سچورڪن جو سنگ ڪمائن، جي سچورڪن جي سيوا ڪن، جي سچورڪن جي مکرمان جيڪي نڪري ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، اهڙن سياڻن کي ڀڳوان جي سروپن جي اوري ڪجهه ڀروڙ ٿوي ٿي.

ڪهڙي به ڪم نه ڪري . گهڻن ٻڌايو آهي ته اُن کي جو
ڪم ٻوڙيءَ طرح ڪري ٿو . مَن اچي سمجهايو ته
سو ڪم آهي سو ڌرم . ڪم ڪرڻو به ڌرم انوسار .

وڌيڪ مَن سمجهايو ته لوڪ سنگره ڪرڻو . لوڪ
سنگره آهي لوڪن جو ڀلو ، لوڪن جي سيوا .
ٻهڙيا گهراڻي واهيءَ ڪا ٻه غريبن ڏکين جي ، سنگت جي ٻنگت
جي سيوا ڪرڻو . الڪري مَن چيو ته اڃو ته ٻنگت
ناهيون . ۽ مَن اچي سمجهايو ته چڱي ٻنگت ڪهڙي
ناهي؟ لهڪري مَن چيو ته ٻه ڳالهيون ضروري آهن :-

(١) چار ورن ؛ ۽
(٢) چار آشرم .

مَن چيو ته چار ورن آهن :- (١) براهمڻ ؛
(٢) ڪشتري ؛ (٣) ويش ؛ ۽ (۴) شودر : اڪ اڪ
بابت اسين سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين .

۽ ۴ آشرم ڪهڙا؟ (١) برهمچاريه ؛ (٢) گرهست ؛
(٣) وانپرست ؛ ۽ (۴) سنياس .

پياري دادا جي هن مَن اڳون ڪاٿوه مان چا
لکان؟ داس جي دل اندر ته سانت اچي ويٺي آهي!
ڪهڙو نه مٺو ذڪر پيارو دادا ڪري ٿو مَن جو ، جي
ٻڌائين ٿا ته ٻنگت ڪهڙي ناهي . هن وقت
سڄي ٻنگت ٻگل آهي ، ٻارت پيارو ڪرل آهي ،

ست مها رشي، اڳي جي آيا، ۽ منوُ چار،
منهنجي سنڪلپ مان ئي نه آيا:
منهنجا ڀاڱا آهن، هي لوڪ سارا ئن مان پيدا ٿيا.
[اڌياءِ ۱۰ - شلوڪ ٦]

اَرجن! اِهي ۱۱ اتيتي هن سنسار جا راجا ضروري آهي ته اسين اُورو ڪجهه انهن رشين ۽ مَنن بابت سمجهون. رشين جون نشانيون ڪهڙيون:-

(۱) پهريان نشاني ته رشي رهن ٿا ڏسڻ جي دنيا ۾. The world of vision, of illumination. اسين ڪهڙيءَ دنيا ۾ رهون ٿا. آسان مان هڪ هڪ جيڪو پڙهندو امتحان وٺي. رشي آهن اُن دنيا جا جنهن ڪيس درشن direct perception آهي.

(۲) ٻي نشاني رشيءَ جي آهي ته هو نِرموهي آهي. توهان هڪ هڪ اِها منزل حاصل ڪري سگهي ٿو. اِنڪري ضروري آهي ته اوهين اِها گڻ، نِرموهتا جو گڻ، پنهنجي جيون ۾ کوليو.

(۳) ٽين نشاني رشيءَ جي آهي ته هوُ آزاد انسان، مڪت آهي. جنم مرڻ جي چڪر کان مٿي آهي. پر رشي جنم وٺي سگهي ٿو لوڪن جي ڀلي واسطي. اهڙا ۷ رشي اوائل آيا جن اُچيءَ هن سرشٽيءَ جو چڪر چلايو. ۽ ۴ منن جا اهي ڪير؟ اَرجن پيارا! ڪيان نه

[٢٧]

جاڳر سياڳو

١٠ ادهيايءِ جو هيءُ شلوڪ ڇهون ڀيرو ڳُليو آهي.
هِن شلوڪ ۾ شري ڪرشن ارجن کي ٻڌائي ٿو ته هيءَ
سِرشٽي ڪٿان آئي؟ هيءَ رچنا ڪيئن آئي؟ هِن
شلوڪ ۾ شري ڪرشن جا وچن ڪهڙا آهن؟

سَپت مها رشي، اڳي جي آيا، ۽ منوَ چار
منهنجي سنڪلپ مان ئي آيا:
منهنجا ڀاءُ آهن؛ اِهي لوڪ سارا ٿن مان ٻڌاريان.
[شلوڪ ٦]

اِهي لوڪ منڊلي هيءَ سرشٽي، هيءُ سنسار
سارو، هن سنسار جا لوڪ. ڪن جي ويچار موجب
سپت لوڪ آهن. ارجن! هيءُ سپت ئي لوڪ، هيءُ
سارو سنسار، هيءَ سرشٽ، هيءَ انسان ذات، سڀ
ڪي ڪيئن آيو؟
ارجن! اوائل ۾ هو هڪ: اُن اڪ کي ڪولهن

دنيا ۾ جنگ جا ڪال پيا وڄن ! پر هن دل جي اندر
آهي اڪ پڪار :-

دنيا لئي پيار آهي پياري ،
وري اچ پيار اوتاري !

هل اسانجي سنڌي ٻڌڪس ، اسانجو پڳل پارس ،
هيءَ دنيا رهڻ جي روشن راهه ۾ هلي ، مدن جي سکيا
۾ پنهنجي جيون پڏي نه وري هيءَ دنيا اوائلي ماڻ
ڪري روشنيءَ ۾ ايندي !

* لڇمو ما جولو گمڏ ! *

ٻڙلا — آلما واسوالي

ڪري، ڪٿي ڪري، واش ڪري ۽ ڦڏر ڪري؟ اهي ڪالهه ٿيون اسان جي آڏو سمجهون ته آوري ٿيو هوندي ته سرشٽيءَ جو وهنوار ڇا آهي ؟

ٻيون سوال آهي ته اهي رشي ڪير؟ سپت رشي، جن ذلا ٿيون اوهان کي ٻڌايا. سپت رشي پرلوءَ کان ولي وسشٽ تائين، انهن ست رشين بابت ڪي ٿورا اکر اُمان ٿوري وقت تي اوهان کي ٻڌائيندس. ٽيون سوال اهو آهي ته اهي سپت رشي ڪٿان آيا؟ اهي سپت رشي سدا ارجي چڪر هلائڻ واسطي وري اچن ٿا. ارجن! اهي سپت مهارشي اڳي جي آيا. جن ٻارا پاڻ ۽ ٻيون اوهين ته اڳي آيا آهيو. هي ٻيون دفعو توهين ڪين هن چڪر ۾ آيا آهيو. اڳي به آيا آهيو. ڪيترا دفعا اڳي ۾ به آيا آهيو. ڪيترو ته توهين ڀٽڪيا آهيو: ڪيترو ته دک سٺو اٿو. ڪيترو ته ٻوڙيو اٿو؟ هن ڪال چڪر ۾ وري آيا آهيو. مهڪري توهانجا هڪ ٻئي سان ناتا آهن. اهين ڪونهي ته ٻيون دفعو ڪنهنکي ڏسان، ان سان ناتو اي وڃي ٿو. نه. اڳيئي اسين گڏيا آهيون. ٻر هن جنم ۾ اڳيان ناتا، جي وسري ويا آهن، سي ڪلن ١. اسين به اڳي آيا آهيون ۽ رشي به اڳي آيا آهن.

ٻيون ٻيون هي سپت رشي ڪٿان اُپڪاش ٿيا؟

* ٻرهم *. ۽ اِن برهم مان ٻوءِ آيا سنت رشي ۽ چار
منوُ. سنت رشي ڪير؟ ۽ چار منو ڪير؟ آوائل ۾
اِڪ؛ جنهنکي جدا جدا نالن سان ٿا ڪوٺيون. ڪٿهين
چئون برهم، ڪٿهين چئون ايشور، ڪٿهين چئون ڀڳوان،
ڪٿهين چئون حق، ڪٿهين چئون سنت. جدا جدا
نالا آن اِڪ جا آهن. آوائل ۾ هو اِڪ حق: اُن هِڪ
مان آيا آهن سنت رشي ۽ چار منوُ.

ٻوءِ ٻيون قدم کڻيو ويو. اُنهن سَتن رشين ۽
چئن مَنُن مان پيدا آئي، ماڻهو ۽ سرشٽيءَ جا ٻيا
ٻدارٿ. اهي ماڻهو چئن پرڪارن جا ٿيا :- (١) ڪي
براهمڻ، (٢) ڪي ڪتري، (٣) ڪي وئش، ۽ (۴) ڪي
شوُدر. ٻوءِ سرشٽيءَ جو وڌوار ڪيو. اِنسان جو ن
سنت مکيہ قومون (Seven races) آيون،
جن بابت پوري وضت ٿي ٿيائيندس ۽ اهي سنت قومون
ان ۾ ٻڌجين root race اهي آريہ قوم. اها آريہ
قوم پرڪاش ٿي اُنهن چئن ورنن مان:- براهمڻ، ڪتري،
وئش، شوُدر. اِڪ اِڪ ڳالھ مان چاهيان ٿو ته اوهين
سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. پهرين ڳالھ ته سنت رشي
ڪير؟ ٻي ڳالھ ته چار منوُ ڪير؟ ۽ ٽين ڳالھ سنت
قومون، root races ڪهڙيون؟ چوٿين سڀ براهمڻ

پرجا جا پتي (The Lord of Praja) توهين ۽ مان
پرجا آهيون؛ اسان جا راجا سائين. تنهنڪري معاف
دلگير ٿيو، اسين پرجا آهيون؛ ڏک تڪليفون اچڻ
وري وري، ظلم ٿين ٿا ڪيترا وري وري؛ وري وري
اسين ڏک جي دريا ۾ وڃي ٿا پاڻ کي ڏسون. پر
تنهنڪري دلگير نه ٿيو. اسانجو راجا آهي؛ اسين
انجي پرجا. لاهور، پرڀوءِ سرشٽيءَ جي سرڪار سونپي
آهي سڀ رشين ۽ ڀڳتن مان ڪي ته وڃي توهين سرشٽيءَ
جو چڪر هلايو. پيارا! انڪري معاف دلگير ٿيو.
اسانجو راجا اسان کي پالي سدو ڪيئن. اسان کي
تڪليفون اچن ٿيون پر ڪرمن ڪري. اسانجو راجا
مهربان، هڪ ڏينهن ڪرم ڪٽيندو، زنجيرون ٽوڙيندو،
ظلم ميٽيندو، تڪليفون اسانجون دور ڪندو. سائين
آهي اسانجو حاڪم؛ ان حاڪم هيٺ آهن سڀ رشي
۽ چار مدو. سڀ سار، جڳٽر هڪ سرڪار هيٺ آهي.
پر اسانجي سرڪارين وانگر هيءَ سرڪار ڪونهي.
اسانجون سرڪارون ايراد ڪن، اسان جون سرڪارون
غريبن کي ڏکين، اسانجون سرڪارون ٻي ڏوهين کي
جيلن ۾ وجهن، اسانجون سرڪارون رشوتون وٺن. اسان
جي سرڪارن جا عملدار رهن محلن ۾، جڏهن اسانجا
پيارا پالو پيٽ اچي پيا پيا رلن. پر سائينءَ جي

ڪٿان آيا؟ ڪيئن آيا؟ هن بابت هيءَ سکيا ملي ٿي. شري ڪرشن چوي ٿو:- "منهنجي سنڪلپ مان ٿي آيا." ارجن! اهي ست رشي ۽ چار منوءَ منهنجي سنڪلپ مان آيا. "سنڪلپ" معنيٰ "من." سنڪلپ مان ڪيئن آيا؟ ايشور وچار ڪيو (The thought of God) هيءَ ست رشي ۽ چار منوءَ سائينءَ جي سنڪلپ مان آيا. وري سوال اٿي ٿو ته ڪيئن آيا؟ ارجن! اهي ست رشي ۽ چار منوءَ انهيءَ ڀاوَ جون مورتون، انهيءَ ڀاوَ جا سروپ. اهي ست ۽ اهي چار: ٻارهن. ٻارهان ئي مورتون منهنجي محبوب جون. اهي روپ لوڪ ۾ ڪيئن پرڪاش ٿيا؟ هن سوال جي جواب ۾ هيءَ سکيا ملي ٿي ته ڀاوَ وارو ڌيان ۾: ڌيان شڪتيءَ مان اهي آيا. ڪنهن جي گرڀ مان ڪين آيا. اسان مان هڪ هڪ آيو آهي ماتا جي گرڀ مان. پر اوائل ۾ جڏهن سرشٽيءَ جو چڪر شروع ٿئي ٿو، هيءَ رشي ڪنهن جي گرڀ مان ڪين آيا. هيءَ ست رشي ۽ چار منوءَ آيا ڀاوَ جي ڌيان مان (Projection of the thought of God).

ارجن! شري ڀڳوان جي ڌيان مان اهي ست رشي ۽ چار منو پرگهٽ ٿيا. انهن کي هندو ڀاوَ واڳ ڌڻي سمجهنديءَ جي. انهنکي ڏهنڪوي چوندا آهن پرجاپتي-

سگهي ٿو ته انهن سڀني سرڪارن جي مٿان اُتم هڪ
ايشوري سرڪار. (The divine goverment of the world).
آئون ته سمجهان ٿو ته انهن رهڻ جون نشانيون ڪهڙيون
۽ رشيءَ جو ڪم ڪهڙو ۽ مقصد جو ڪم ڪهڙو ؟

(١) پهريان جيڪي سمجهون ته رشيءَ جي
نشاني ڪهڙي آهي ؟ هڪ درشٽانت اوهان جي اڳيان
رکان ٿو چاهيان . هڪ ٻالڪ جي بيماري جي ڳالهه
آهي. هندي ڪولينڊ اهڙا ڄگهي جولي (The Light
of the Son) هيءُ سچو رشي هو. هن بيماري ۾
سڀني رشين جي روبرو پرڪاش ڪئي. هن جيو جنم
هندستان کان ٻاهر ٿيو. ٻالڪ ۾ هيءُ بيمارو پرگهٽ
ٿيو. هن بيماري سائينءَ جي ساکي ڏاڍي عجيب نموني
هنجو نالو هو جابر. عجيب جيون هن ٻالڪ جي
بيماري جي جڏهن عمر ۾ ننڍو آهي، هڪ ڏينهن
وڃيٿو گهوڙو. رستي تي ٻڌي ٿو درد ڀري پڪار ۽
چوڻو ٿو ٻاڻ کي :- "ڇا هي ؟" ننڍو هو. ماڻهو چوندا
هئا، هيءُ ڏاڍو طاقتوارو آهي ؛ پر انهن سان گڏ هن
بيماري کي همدردي هئي. دکين جو دک سهي نه سگهي.
ٻڌي ٿو دک جي پڪار.

ٻوڙي وڃيٿو. ڇا ٿو ڏسي ؟ هڪ ٻيو ماڻهو
آهي : جنهن ٻڌي ماڻهوءَ کي ان جورن. آهي سڻاو

سرڪار اُهين ڪونهي. اِها سرڪار ستن رشين ۽ ڇهن
منن جي هٿ ۾ آهي. اِهي سڀ اُماڻا، مغروريءَ
۾ آهن ڪين. اُنهن کي وِچار ٻوجا جو نه ٻوجا ڪٽڻ
سگهي ٿي. شري ڪرشن چوي ٿو:-

"سپت مهارشي اڳي جي آيا، ۽ منو چار،
منهنجي سنڪلپ مان ٿي آيا."

"منهنجا ڀاو آهن." "ڀاو" معنيٰ
"موڙون". اِهي رشي ۽ منو، ارجن! اُنهيءَ منهنجون
موڙون. اڄ ڪلهه جا عملدار ٻيءَ طرح آهن. اڄڪلهه
جا عملدار حاڪم، تن ۾ اُهين صورت نٿا ڏسون.
ٻاري ٻوج مهاتما گانڌيءَ جون موڙون اُنهن ۾ نٿا
ڏسون، پر اِهي سپت رشي ۽ چار منو، شري ڪرشن
چوي ٿو ته اُنهيءَ منهنجون موڙون.

"منهنجا ڀاو آهن: لوڪ سارا تن مان پيدا ٿيا."

هيءَ سپت لوڪ تن مان پيدا ٿيا. اِنهن اُنهيءَ من
چڪر هلايو. هينئر اُچو ته سمجهون رشين جون نشانيون
ڪهڙيون؟ اِهي سپت رشي ٻوڪوءَ ڪان ولي وسمت
لائين، تن جون نشانيون ڪهڙيون؟ هيءَ سپت رشي
تنکي ڪوئين ٻوجاڻي. ڪن ڪن هنڌ هجن ڪسي
ڪوئين سپت ٻڌا. چو ته ٻڌ جون موڙون هي
سپت ۽ هوشيار اُٺو ستين سرڪارين جي مٿان. تنهن
ڪري ڪنهن به سرڪار جو ظلم گهڻو وقت هلي نٿو

"پيارا! ڀلي آئين!" پيار ۾ هيءُ ٻيو جادو جو هٿ
پڪڙي ٿو. جادو چوندو ته:- "ڇا هي؟ هيءُ ٻيو سوارا
۽ هن مان ألائي ڇا پيو اچي؟ پيار ڦڪي ٻيڻي
وهي هٿ مان." ۽ ٻيو چوندو :- "جادو! اڄ مونسان
ته مان توکي وٺي هلان. نزديڪ هڪ ٻيو باغ آهي."
جادو کي وٺي هلندو ٻئي باغ ۾. اتي ڇا ٿو ڏسي؟
ٻيو چوندو :- "هيءُ وڻ ڏسين ٿو. ڪهڙو نه سونهن
وارو آهي." "ها. ڪيڏو سونهن وارو آهي."
جادو چوندو. ٻيو چوندو :- "ڪــون ٿـي
صوف ڏسين ٿو هن وڻ ۾." ۽ جادو چوندو :- "ها،
اهي ٿي صوف ڏسان ٿو." ۽ ٻيو چوندو :- "مان
شڪرگذار آهيان ٿيندو، تون اُنهن مان هڪ صوف
چونڊي کاءُ. هيءُ ٻهراون صوف آهو جي ڇيندان
۽ کائيندان ته توکي شاستون جو گمان ملندو. ٻيو
صوف ڏس پيارا! ٻيو صوف اُليٽي لعل رنگ جو،
ڳاڙهو صوف. اهو صوف جي تون چکي کائين ته تون
ڏاڍو ساهوڪار ٿيندين. ٽيون صوف اڇو رنگ
اُلٽي ٻلو. اهو صوف جي تون چکي کائين ته
ٿيندي جيون رال رهندي اڪ رنگ ۾، دنيا جو رنگ،
همدرديءَ جو رنگ. پيار جو رنگ، محبت جو رنگ،
توکي چڙهي ويندو. پيارا! اُنهن ٽن صوفن مان جيڪو
صوف توکي وڻي، سو تون کاءُ. ٻر جلدي ٻيــصلو

آهي. هيءَ ٻڪريءَ جو ٻارو جانور نہ بهادر آهي. هن کي ڏپ ڪونهي. هڪدم هن اُن چورن سان مقابلو ڪيائين. هڪ چور کي ڪيرائي ڏنو. ٻيو چور ڏپ ۾ ڀڄي ويو. هيءَ نہ هوندي ها تہ، هن ٻئي کي بچائي ٿو. هيءَ ٻيو شڪرگذار ٿئي ٿو. چوڻ لڳو:- "ٻڪريءَ جا ٻارا! تو مونکي مهر ڪئي جو تو مون کي بچايو. پر توکي منهنجي اروڙ ڪانهي. مان ڏسڻ ۾ ٻيو آهيان، پر مان ٻيءَ طرح آهيان. سڀاڻي جهڙو مولوت اَچڻ."

تڏهن هي جانور چوڻ لڳو:- "مان تيار آهيان. سڀاڻي مان اَچان توهان وٽ، پر ڪهڙيءَ مهل؟"

تڏهن ٻيو چوڻ لڳو:- "سڀاڻي سويل صبوح جو اَچج. هيستائين مان وڃان ٿو. فلاڻي باغ ۾ اَچج؛ تو لاءِ وانڊو تيار رهندس. سڀاڻي مونکي اُتي اَچي ملج. مان تنهنجو شڪرگذار آهيان." هيستائين ٻيو ٻنڌ ڪري پنهنجي مڪان ڏي وڃي ٿو.

ٻئي صبوح جو سوال هي ٻڪريءَ جو ٻارو جانور وڃي ٿو. ڏسي ٿو تہ هڪ هن باغ ۾ وانڊو آهي. ڇو ٻيو ماڻهو ويٺو آهي؟ اُن باغ ۾ آهي اِڪ چشمو؛ اُن چشمي اُچي نزديڪ وانڊو آهي. وڃي ملي ٿو هيءَ ٻڪريءَ جو ٻارو هن ٻئي کي. ٻيو خوش ٿئي ٿو:-

ڪالهه ها ته ڪن ملي ها. تون اٿو روڪن ٿا ڪرين ها؟ پر جاڳو! مبارڪ! توکي مبارڪ! ڪيئن نه انهيءَ جون اکيون پيار سان ڀريون چمڪن! پيارا! هينئر وڃ تون وڃي سنسار ۾ غريبن دکين مسڪينن جي سيوا ۾ پنهنجي جيون خرچ ڪر.* جاڳو ٻڌي جي چرڻن ۾ سر جهڪائي ٿو.

پوءِ اچيو بغداد ۾. اچي پهتو بازار ۾. لوڪ ڪيس ڏسن ٿا گڏ گڏ ٿين. ڇو تهن جي اکين ۾ ڇا آهي؟ هن جي هٿن ۾ ڇا آهي؟ پيار ئي پيار. جت وڃي اتي هي نمانو خوشي ڏيي. اس غريبن دکين کي آسيس ڏئي ۽ لوڪ ٻيا چون ته *هي ته جاڳو هيٺر موٽيو آهي آسيس جو پيدار ٿي.*

هي سڀ مهارشي انهيءَ ڪهڙي نمالي؟ هڪ هڪ مهارشيءَ کي گيان، انهن سان گڏ ديا. مهارشي ڪير؟ جو گيان جو ڀنڊار ۽ جو پيار، محبت جو ڀنڊار. جنهن ۾ گيان آهي ۽ انهن سان گڏ پيار آهي سو اَڄ رشي. سڀ مهارشي ديا جو روپ هئا، ديا جا روپ آهن. ڇو ته گيتا جي سکيا موجب هن سرشٽيءَ مٿان هن وقت ته سڀ رشي آهن. الٻهن مهارشي اهو جنهن جي جيون ۾ نه شاستر گيان آهي، پر جنهنجي جيون ۾ گيان سان گڏ آهي همدردي، آهي ديا، دکين غريبن لاءِ محبت، دکين غريبن لاءِ پيار.

ڪري. ڇو ته هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ هيءُ وڻ ڪومائجي ويندو. انهن ڪري تون ترت فيصلو ڪر.

هنڌئو هيءُ ٻراوءَ جو ٻارو ڏورو وقت ويچار ڪري ٿو. چوائٿو :- ” ٻهراون صوف اڇو کان ته، موڪلي ڪاسڪون جو گهڻا ملندو. پر ڇا ٿيندو؟ شاسترن جو ڪيهان وٽي ڪاٻڊ مان ٻوڙاڪي ٿيان. سنسار ڇڏي وڃان ۽ شايد موڪلي ويچار ٿٿي ته مان گهڻو وقت دنيا ۾ نه رهان. ٻهراون صوف مان ڪائيندس ڪين. سنسار ۾ آئو آهيان ته سنسار واسطي ڪجهه نه ڪجهه ڪريان. ائين نه ته سنسار ۾ آئو آهيان ته سنسار کي ڏک ۾ ڇڏي وڃان. ٻهراون صوف نٿو کان.

پتو صوف ڪائڻ ڪري مون کي ڏن دولت ملندو. پر ڏن دولت ته موڪلي نه کپي. راجائن، ڪروڙپتين سنسار ۾ اڇي ڇا ڪيو؟ هيءُ ڳاڙهو صوف موڪلي نه کپي. مان کان ٿو ٿيون صوف، جنهن صوف کائڻ سان مهڻجي همدردي ڪلي. سو اهو ٿيون صوف کائي ٿو. اپو چوائٿو :- ”مبارڪ توکي! ٻهراون صوف کائين ها ته شاسترن جون ڳالهيون تون سمجهين ها. اهڙا ته ڪئين آهن. تون ڪري سليمان کان وڌيڪ سياڻو ٿين. پر ڇا ٿيو؟ تو چڱو ڪيو جو ٻهراون صوف نه کاڌو. پتو صوف

هڪ صوفي درويش چيو آهي :- "جيڪڏهين هڪ سيڪنڊ به سائينءَ جو سمرڻ نه هجي ته دنيا ساري ڪوڙي هوي." سونهري امڻي آهي جو ته ڪي نه ڪي ٻاٻوءَ جا پيارا وڏا نام ڏيائين. گروجن چون ٿا ته سکمڻيءَ ۾ :- "نام آهي آڌار، سرشٽيءَ جو ڏاڍو." "سگل سمگري ٻوري سوڙو ڏاري." ٻاٻو! هيءَ سرشٽي ساري انهنجي ڏاڍي ۾ ٻڌل آهي. اهو ڏاڍو ٽٽي ٿوي ته سرشٽي ڪري پوي. اهو ڏاڍو ڇا آهي؟ سمرڻ، ٻاٻوءَ جي يادگيري، ٻاٻوءَ جو ڌيان.

(٢) اي ڳالهه ڪهڙي؟ اهي سڀ رشي جڳت گرو (Teachers of humanity) ٿيا. انهن سڀني رشين لوڪن کي سکيا ڏني: پر سڌن سکيا جي آڌر هو ٻاٻوءَ جو سمرڻ. اڄ ڪلهه ڪيترائي سکيا ڏين ٿا،- ڪيترا نه سڪول، ڪيترا نه ڪاليج، ڪيتريون يونيورسٽيون، ڪيترا نه سمسڪر، ڪيتريون نه ديوالون، ڪيتريون نه مسجدون: آه! پر انهن ۾ اها سکيا ڪٿي آهي؟ رشين به سکيا ڏني؛ پر انهن جي سکيا ۾ هو سائينءَ جو سمرڻ.

انهن رشين ڪهڙي سکيا ڏني؟ ان سوال جو جواب آهي وِد سکيا، ويدانت. وِد رشين پرڪاش ڪيا؛ ۽ پوءِ انهن رشين وِدن جي سکيا ڏني. پالڪن،

[٢٨]

رشيءَ جون نشانيون

مان وڌيڪ ذڪر ڪريان ته رشين جون نشانيون ڪهڙيون؟ اهي سڀ رشي، جي يُگ جي شروعات ۾ آيا، تن جون نشانيون ڪهڙيون؟

پهرين نشاني ڪهڙي؟ ارجن! انهن سڀني رشين کي حڪم مليو پرڀوءَ وٽان ته اوهين انسان ذات، انسان قوم قائم رکو. تنهنڪري رشين ڇا ڪيو؟ قوم کي زنده رکڻ واسطي، سرشٽيءَ کي Mainain ڪرڻ واسطي پهرين ڳالهه هيءَ ته رشين پرڀوءَ کي ڏٺائون. سڀني شڪتي هڪ وڏي شڪتي آهي. هن زماني ۾ اها ڳالهه اسين نٿا مڃون. هن زماني ۾ اسين نٿا سمجهون ته پرڀو ڪير آهي؟ پر هنن سڀني رشين پهرين ڳالهه هيءَ ٻڌائي ته پرڀوءَ جو سمرڻ، پرڀوءَ جو ڌيان ضروري آهي.

گروڪل ڪوليا : ڪٿي ؟ جيڪو وڏيرائي آهي، انهن کي پرام سان رهڻ لاڪڙيو . اڪ اهڙي بالڪ کي رشيءَ چيو :- ”پيارا بالڪ! تون منهنجي ڪٽنب جو آهين؛ تون ڏاڍو ڪٺن آهين.“ اُن وقت شاگرد گرو سان گڏ رهندا هئا، گروءَ جي سيوا ڪندا هئا، گروءَ سان گاليندا پڙهندا هئا.

اَڄ ڪلهه اسانجي حالت ڪهڙي؟ شاگرد ڪيچ ڦالدي ڪان ٻاهر وڃي؛ اڪثر ماسٽر چوي ٿو ”انکي سزا ڏيو.“ اُن زماني پراڻين ڪون هو. اُن زماني ۾ هو پيار- نرمل پيار. اُن زماني ۾ بالڪ ڪٺن نه اسرپا ٿي! ڪٺن نه سکيا ورتائون ٿي، ڪٺن نه گروءَ جي جيون ڏسي، بالڪ پاڪيزو نرمل ٿيا ٿي. چرتر (Character) پيدا ڪرڻ مان ٿئي آهي؛ چرتر اچڻي جيون، زندگيءَ مان. ۽ رهڻ اهڙو سنگ شاگردن کي ڏنو. سچو سڪول ٺهي ڪوي The Rishi family, the guru family سچو اسڪول، سچو ڪاليج ٺهي ڪوي اهڙو مڪان جتي شاگرد گروءَ جي چرنن ۾ ويهي سکيا وٺن ۽ نرمل واڌو ماحول ۾ اسرن.

انهن ڏينهن ڳالهه هيءَ نه رشين کي پرايو جو ڏيان هو. پيءُ ڳالهه نه رشي teachers ٿيا. انهن ويد رچيا، ويد انهن پرڪاش ڪيا ۽ پرڪاش ڪري انهن

شاگردن کي خاص رهڻ ڇڪيو. ڪهڙن ڇڪيائون؟
رشين سڪول ڪوليا، ٻيو ڪهڙا سڪول؟ نه، جنهن هن
زماني ۾ آهن. اَڄ ڪلهه جا سڪول آهن اَيهان ۾،
واسو ۾. جيتري گهٽي وديا ونوليا، اوترو گهٽو ٻراوه
کي وساريون ٿا، اوترو وڏاڪ پيا ناسڪ ٿيون.
هوشيار پائو، ودوان، جن وڏا وڏا امتحان پاس ڪيا
آهن ۽ وڏا وڏا عهدا حاصل ڪيا آهن، تن جي جيون
۾ ٻرپوه جو سمورن ڪونهي. اِهي ڪري آسانجي
آفيس ۾ رشوتخوري؛ اِنهي ڪري ٻڌهل نوجوان جون
۽ اَسانکي ڏاڍي لهڻي ڏيو. هڪ انجنير جوئي تو
ته "موانکي ٣٠ هزار ڏيو ته شادي ڪندس." هيءَ
وديا اَٿو ناسڪ وديا. اَڄ ڪلهه جا پڪهار وڏا، پـو
ڪمائي ڇا ٿا ڪن؟ پوڄ، عيش عشرت ۾ جيون
خرچ ڪن ٿا. لوڪ پيسا ڪٺا ڪندا؛ ٻيو غريبن لاءِ
سندن دلين اَندر درد ڪونهي. هيءَ وديا سچي ڪا
اَٿو اَوديا.

سچي وديا جي هڪ نشاني آهي اڏرت. ٻـي
نشاني آهي غريبن ڏکين جي خدمت. رشين وديا جا
مرڪز ڪوليا ٻه ٻئي قسم جا. اِهن سڪولن کـي
ڪوليندا هئا "گروڪل". اِن اکر جي معنيٰ ڇا
آهي؟ "گروءَ جو ڪل" - The guru family. رشين

روپ ڪري ٿي سمجهايون. اسان جا رڌڻا ڪهڙا آهن؟
اسين رڌڻن ۾ جانور ماري انهن جا گوشت رڌون؛ اهڙن
رڌڻن لاءِ اسان کي عزت شرڌا ڪيئن ٿيندي؟ پر ان
زماني ۾ رڌڻن لاءِ شرڌا هئي. هڪ هڪ رڌڻو سمجهندا
هئا ته آهي مڪان جت سائينءَ کي ملون. ان زماني
۾ گهر جي استري کاڌو رڌيندي هئي. اڄ ڪلهه جون
استريون چون ٿيون:- "اسان جو رڌڻي سان ڪهڙو ڪم؟"
نوڪر اچي کاڌو رڌڻ. اڪثر انهن نوڪرن جي جيون
ٻوڙو ڪمن. پوءِ انهن جو کاڌو ڪيئن سٺو ٿيندو؟
انهن ۾ طاقت ڪيئن ٿيندي؟ اسان جي سنڌ ۾ مان
ٻڌاري رشي ڏيارام گدومل کي مليس: چيائون:-
"مون ڪڏهن نوڪر ڪين رکيو. مان پنهنجيءَ ۾ هوس.
مون اڃ به نوڪر ڪين رکيو. هڪ وڏوا پنج کي
مان هڪ سؤ رپيا ڏيان: ۽ مون کي تمام قرب ۾ کاڌو
رڌي ڏئي." اڄ ڪلهه ته ڪيترا چون ته "گهر جو
کاڌو ڇو کائون؟ هوٽل جو کاڌو سٺو آهي." هوٽل
۾ کاڌو اهڙو چٽو آهي، پر ان ۾ پيار جو
Magnetismn ڪونهي. کاڌو جي گهر جي استري
رڌيندي ته اها کاڌو پيار ۾ رڌيندي. انهيءَ ڪري رشين
سيکاريو ته رڌڻن لاءِ عزت رکو. ان زماني ۾ استري
رڌڻي جو ڪم ڪندي هئي ڪڏهن ته خوشيءَ ۾ ا

وڏن جي سکيا شاگردن کي ڏني ؟ تنهن سان گڏ رهڻ
گروڪل آستاپن ڪيو. گروڪل جو نقشو، جو منهنجي
دل اندر آهي، جي اوهانجي اڳيان رکان ته اوهان
مان ڪي جيڪر انوقت روئن. اڄ! اڄ ڪالهه جي
وديا ڪهڙي؟ انوقت رهڻ ڪهڙو ته پيار ڏي ڏنو
شاگردن کي! شاگرد انوقت هئا پيار جا سڏعان. وديا
وٺي جڏهين آهي سنسار جي ڪم ڪار ۾ مشغول ٿيا؛
انهن جا نه ڪيو! آهي شاگرد، جي هئا پيار جي
سڏعان، تن وڏي هوندي وڏا ڪم ڪيا، تن ڀارت کي
اوچ پدويءَ تي پهچايو. اهڙا شاگرد، اهڙا وديارٿي،
اهڙا نوجوان پراچين ڀارت جي مهما جو بنياد هئا.

اڄ ڪالهه اسين چئون :- ”اسڪول کوليو.“
اسڪول وڃن وڏندا، باپ وڃي وڏندو. اسڪول وڃن
وڏندا، ڏاڏي ليتي وڃي وڏندي، اسڪول وڃن وڏندا،
ايمان وڃي وڏندو. اسڪول وڃن وڏندا، شاگرد وڃن
باپ جي جهون ۾ ڪولدا. رهڻ ڪڏهن اهو ڪم ڪيو
ته انهن گروڪل آستاپن ڪيا.

(٣) تنهن ڪم رهڻ ڪهڙو ڪيو؟ رهڻ وري
وري هيءَ سکيا ڏني ته پنهنجان گهرن ۾، اوهين جي
گرهست ۾ آهيو، اگنيءَ لاءِ شردا رکو. ان زماني ۾
اگني اهمي پوڄي هئي. اها اڪ رنڍو ڀاڳوءَ جو

رشين کي ملڪيتون، رشين کي پنهنجو پدارٿ هو. پر
رشين جو نه اهو پنهنجو پدارٿ آهي سيوا واسطي.
اهي رهي سنسار ۾ ٿي رهيا. سنسار ۾ رهي رشين
سيوا خدمت ڪئي. ڪهڙا ڪم نه رشي ڪندا
هئا! نه گهر ۾ تڪرار ٿئي، اڄڪلهه اسين ڀوڙون پاڻون
ڪورٽ لاءِ انهن. اڄڪلهه جون ڪورٽون انصاف جون
ڪورٽون نه آهن ڪين. پر ان زماني ۾ هڪ ٻئي جو
تڪرار ٻئي سان ٿئي ته ٻئي ڌريون انهدون هـيون
رشيءَ وٽ:- "ساڌين! اوهين جاڳو آهيو، ڪرپا
ڪري فيصلو ڪريو." ۽ جيڪو فيصلو رشي ڪندو
هو سو ڪين قبول هوندو هو. اڄڪلهه سالڪن جي
لوڪن، نفعو لئي ڀوڙون پاڻين ڪين، انڪي پڻ ني
ڪوا. جون نه هيءَ معاملو دنيا جو: لوکي ڪهڙي
خبر؟ ۽ ڪورٽن ۾ ڇا ٿو ملي؟ ڪوڙ ڳالهائين.
خرچ ڪن، وڪيل ڪن، تڪليفون ڪاٽيو، ڪورٽن مان
ڇا ٿو ملي؟ مونکي معاف ڪندا جي مان چوان نه
ڪورٽن مان ملي ٿي ڏوڙ ڇائي.

رشين جي جيون اوڄل هئي. ۽ پنهنجي زندگيءَ
دوران رشين سنسار ۾ پنهنجو پدارٿ ملهو آهي نه
ان واسطي نه مان پنهو ڳرڪايان، پر ان واسطي نه
پنهنجي پدارٿ کي ڪريان اوزار خدمت واسطي. منهنجا

استري چوندي هئي تہ موٽي ڪري رام ملندو رنڌڻي ۾. ڪهڙي نہ سندر سکيا! رنڌڻي لاءِ عزت رکو، تنهنڪري آڳٺيءَ لاءِ عزت رکو. اڄ ڪلهہ اسان پنهنجن گهرن ۾ باهيون وسائي ڇڏيون آهن. ٽُپ ٽُپ تي چئون تہ وڃون ٿا هوٽل ۾. انڪري اڄ ڪلهہ اسانجي پنگت جي حالت ڪهڙي ٿي آهي؟ ٿڌين ٿين ڳالهہ رکڻ هيءَ سيکاري تہ رنڌڻي لاءِ ۽ آڳٺيءَ لاءِ عزت رکو. رام ملي ٿو رنڌڻي ۾!

(۴) چوٿين ڳالهہ ڪهڙي؟ رشين سکيا ڏني تہ روحاني زندگيءَ ۾ هلڻ واسطي، اهين تہ آهي تہ اوهين سنسار ڇڏي وڃو. نڪي رشين کي ڌڪار هئي پئسي پدارٿ واسطي. رشين سمجهي هئي ڳالهہ تہ پئسي پدارٿ کي پنهنجي جڳهہ آهي. لوڪن کي اهين ڪين چيائون تہ "پئسو پدارٿ ڦٽو ڪريو." پر چيائون "پئسو پدارٿ آهي سيوا واسطي. پنهنجي استريءَ ۽ ٻچن جي سيوا ڪريو، غريبن دکين جي سيوا ڪريو، سنگت جي سيوا ڪريو، ملڪ جي سيوا ڪريو، پکين پسن جي سيوا ڪريو." رشين اهين ڪونہ چيو - "پنهنجا گهر ٻار ڇڏي ٻري وڃو،" پر رشين سيکاريو تہ پئسو پدارٿ آهي امانت خدمت واسطي، سيوا واسطي." اهي عجيب انسان هئا!

جيڪو پنهنجي شڪتيءَ آهر ڪم نه ڏئي.
ڪتا ايل پئسا تن مان جيڪو گهر ٺهن جن گهرن ۾
غريب رهن، آسيس ڏين. رشين ٻڌهڪري اها سکيا
ڏني ته ملڪيت آٿو امانت.

(٥) ٻڌيون نشاني ڪهڙي؟ سچو رشي انجي
ساکي ڪيئن ملي؟ سچي رشيءَ جي منهن ڏي نهارڻو:
انجي اکين ڏي نهارڻو. سچي رشيءَ جي منهن ۾ اڪ
جوت، روشني پئي جاڳي An unearthly influence
هڪ عجيب چمڪو ان ٻهاري جي اکين ۾ پئي
چمڪيو. سانت ۾ وهي: سانت ۾ ئي سچو رشي
پڌرو ٿي ٻوي. پل ڪي نه چوي: پر انجي نهار ۾
آهي اڪ اسرار. سچي رشيءَ جي مک اڪ جوت
پئي اوي. ۽ ”رشي“ اکر جي معني آٿو ”روشنيءَ
وارو.“ اڄڪلهه اسين ٻکوادي ٿي پيا آهيون ڪيترا
نه اکر چئون ٿا پر تن اٿر لئي ڪين. سچو رشي ٿورو
ڳالهائي: رشيءَ جي سانت پئي ڳالهائي. اسين هن
ٻهاري جي ڪمل مکڙي ڏانهن نهارڻون ته گڏ گڏ پيا
ٿيون. رشيءَ جي سانت ۾ آٿو عجيب طاقت An
influence of the Divine Spirit سچي رشيءَ جي
اکين ۾ شيام پيو چمڪي. ٽئگور جي ڪرشن
چوڻو :- ”سچو رشي اٽيئي منهنجو سروپ، آتمئي

پيارا! ڪل هيءَ رشين جي سکيا اسان مان ڪن جي
دلين اندر گهڙي وڃي ته جيڪي آهي اسانوٽ سو
ڪل سائينءَ جو اوزار آهي. مون کي پنهنجو مليو آهي
ڇا؟ اهو پنهنجو مليو آهي ٻين جي سيوا واسطي. مون کي
ودّيا ملي آهي ڇا؟ اها ودّيا ملي آهي ٻين جي سيوا واسطي.
مون کي سرير مليو آهي ڇا؟ اهو پران پران مليو
آهي غريبن دکين جي سيوا واسطي. جيڪي مون کي مليو
آهي، جيڪي مان آهيان، سو ڪل غريبن جي سيوا
۾ خرچ ٿئي.

رشين گرهستين کي سيکاريو ته گرهست ۾ اچو
ته ياد رکو هڪ ڳالهه. اي گرهستي ڀاءُ! ملڪيت جا
تو وٽ آهي سا اٿهي امانت. ڌن دولت فقط تنهنجي
۽ تنهنجي گهر جي ڀاتين واسطي ڪونهي، پر اها
ملڪيت آهي ٻين واسطي به. تنهنجي پٽن ڌيئن جو
حق پڻ تنهنجي ملڪيت تي آهي: پر ٻيا به
تنهنجا پٽ آهن، ٻيون به تنهنجيون ڌيئون آهن. اها
سکيا جي هڪ هڪ منهنجو پيارو ڀاءُ، هڪ هڪ
منهنجي ڀيڻ عمل ۾ آڻي ته ڪيترو نه ڀلو ٿئي!
منهنجا سنڌي ڀائر ڪيترا نه آهن بکايل ۽ ڪوڙي
ٻيان اگهي بدن. اسين انهن ڏانهن پنهنجو فرض نه ٿا پاليون.
ڪيترا نه ڀائر آهن جن کي گهر کپن. اجها کپن. رشين
جي راهه ۾ جي اسين هلون ته اسان مان هڪ هڪ

ٻيو نهاري. هيٺر ڇڏيو ويهي رهي ٿو. سائنس ۾ اَلائي ڪن ڇڏي ڇا ڏٺو؟ هڪ جوت. هڪ روشني جا گولا ٻڌ جي مکڙي مان ٻاهر نڪتي. اڳيو اڳ ڪن ڇڏي تي ڏٺي ٿو. ڇرڻ ۾ وهي ٿو! ۽ ڪجهه وقت ويهي ٻوڙ ٻاٽڻي موڻي ويچڙو.

رشيءَ جي روشنيءَ ۾ اَلو هڪ طاقت، جا جيڪر آسان سڀن کي نئون ڪري ڇڏي. وري وري مان ٻهڪدي ڪوليءَ ۾ ويهي سائنس ۾ پڪاريندو آهيان:- "سائين! گرداو! وري ڏي ڪي اهڙا انسان روشنيءَ وارا، جن جي اکين ۾ جوتي ۽ جن جي سانس ۾ جوالي، جي هٿ مٿي ڪن، سندن هٿ مان وهي جوت، جي آسپاس جو هئڙو ڏرين ته هٿ مان نڪري جوت. اهڙا جوت وارا انسان ڏي ڇو ته هن وقت دنيا ۾ آهي گوڙ گهور. وري ٿاڪرا ڏي ڪي روشنيءَ وارا انسان." هن وقت دنيا بيماريءَ ۾ گرفتار آهي. ان بيماريءَ جي دوا اَلو روشني. اڄڪلهه ڊاڪٽر چوندا ته ڪيترائي بيماريون، ڪيترن دکن جي دوا آهي روشني. روشنيءَ وارا انسان هل وري اچن ۽ دکي دنيا جي بيماري ڇڏائين. رشي جي ڪمل مکڙي جي چوگرد ڦوڏار اَلائي ڇا آهي؟ اها روشني لڀن دنيا لي ٿاهي، نئين زندگي لي ٻڌائي!

منهنجي ويڙولي. سڄي روشنيءَ جي سرچ مان اَلائي ڇا
پيو نڪري! سڄي روشنيءَ جو آڌر لڏهنڪري آسمان تي
ڏاڍو اُڀي ٿو.

اَڄ ڪلهه ڪو ڳالهائي ته اَسين اُنکي مان
ڏسون ۽ ٻار سڄي وڏالي ڳالهائڻ ۾ اَڳتي ڪين. اَڄڪلهه
ڪيترا ئي ليڪچر ٿين ٿا، ڪيترئون ئي ميٽنگون ٿين
ٿيون ۽ مان ئي ٿڪجي ٻوان ۽ چوان ته "اِنهن ليڪچرن
۽ ميٽنگن مان ڇا وريو؟" هڪ رشي اَهڙي وهي
سنگت ۾ ٻل ئي ڳالهائي. سائنس ۾ اَچي وهي: آسمان
ڏي نهاري: بس! وڏي ڪي ڇا ڪجي؟ اَڄي نهار منجهان
هڪ ندي پيٽي وهي ٿي- آسمس جي ندي. سڄي
روشنيءَ جي اِها آڌر ٻڌڻ نشاني آ. سڄي روشنيءَ جي
سائنس ۾ اَڳتي شڪتي.

هڪ ڳالهه مون اِڙهي تهن کي ڪيترا سال ٿيا،
تپوان ۾ هڪ رشي ويٺو آهي. اُنکي ڪونيندا هتا
سنت گوتم. گوتم ٻڌ تپوان ۾ ويٺو آهي سائنس ۾.
ٻار رشي گوتم جي ڪمل مکڙي ۾ ڇا پيو ڇهڪي؟
کهڙي جوت؟ اَلک ڏام جي جوت هيٺ لهي آئي
آهي. هن جي اَکين ۾ پيئي ڇهڪي. ڇا ٿو ڏسي؟
هن تپوان ۾ اَچي ٿو هڪ ڇٽو ۽ اَڳتي اَڳتي ٿيو
وڌي. اَچي بيٺو آهي گوتم جي نزديڪ: هيءَ ڇٽو

ٻالڪ وانگر لاڏلو، پيار سان ٻاجھ ڀريل. رامڪرشن جي اکين ۾ ھئي رشين جي جوت. رامڪرشن چيو:- ” ڪيشب! ھڪ ڳالھ، ڪريان؟ دل ۾ تہ ڪين ڪندين؟“

ڪيشب چيو :- ” سائين! اوھين چئو. اوھان کي ئي ڳالھائڻ جو حق آھي. جيڪي اوھان کي چوڻو ھجي سو چئو.“

انھن رامڪرشن چيو :- ” ڪيشب پيارا! مان القطيعي ڪرڻ نٿو چاھيان. مان ستسنگ ۾ اچي واڌس: تو ڪھڙي نہ سندر پرارٿنا ڪئي. تنھنجون اکيون بند: منھنجي دل اچي ڏڏڻ لڳي. تنھنجي ستسنگين جون اکيون بند ۽ تنھنجون اکيون بہ بند. مون اکيون کوليون ۽ مون چيو :- ’ھنن جون اکيون تہ بند آھن، پر دل اندر پرڀوءَ جو سمرڻ ڪئي؟ دل جي اندر ڀڄڻ ڪئي؟‘ پوءِ مون تنھنجي ڪمل مکڙي ڏي نھاريو ۽ تنھنجون اکيون بند. مون ڏٺو تہ تنھنجي ڪمل مکڙي مان جوت جي ڌارا پئي آئي. پر تنھنجا ستسنگي اوٺ ئي اوٺ. اھا جوت مون اوڪاتواہ ھڪ ۾ بہ ڪونہ ڏٺي.“ اھا ڳالھ سچي آھي چو تہ ڪيشب ھو رشيءَ جي منزل ھو. شري رامڪرشن چيو :- ” ڪيشب! اھا جوت اڃان بہ وڌي پئي ۽ اِن ھيو آھي منھنجي دل ئي چاھي.“

رشي کٿي نہ ڳالھائي، پر اُنجي سانس مان وڌي پئي جوت جا، ھڪي ئي جادو دلين کي!

ڪالڪي ٿيو ۽ اهو وڏو مندر هو. هڪ ڏينهن ان مندر ۾ سنسڪرت پڙهو هلي؛ هن سنسڪرت ۾ اچي وهي. ٿو اڪ سچو سنت. هڪ پڙهو جو پيارو، جنهن جو نالو سنت رامڪرشن پرمهنس. پيارو گوڏ هور ڪان پري رهيو. هڪ ڏينهن لنگهي ٿو الان جعي اڪ مندر آهي. پڙي ٿو ڪي گيت؛ اچي وهي ٿو اندر. اهي سنسڪرت آهن ۽ اهي سنسڪرت جو پيار ڪيشب چندرسين سنسڪرت وڏو هلائي. ٿي وڏو پيارنا ڪري؛ سنڌس اکيون ننڊ. ٿوري وقت ڪانپو پيارنا پوري ٿي ٿي. ڪيشب چندرسين اکيون کولي ٿو؛ ڏسي ٿو ته سنت آهن پڌاريا. ڪيشب پنهنجي وڏي ٿان اٿي ٿو، جڳهه ٿان هيٺ لهي سنت کي پاڪر پائي ٿو. رامڪرشن ڪيشب کي پاڪر پائي ٿو. عجيب نظارو ٿئي ٿو جڏهن سنت ملي سنت کي! ٻئي سنت هڪ ٻئي کي پاڪر پائين ٿا. پوءِ ڪيشب وهي ٿو پٽ تي رامڪرشن سان گڏ پوءِ سنت رامڪرشن چا ٿو چوي؟ هڪ ٻئي جا مٺ هٿا؛ هڪ ٻئي وٽ اِندا هٿا.

هيٺر رامڪرشن پرمهنس چا ٿو چوي؟ ڪيشب ڏي نهاري چوائي ٿو:- "ڪيشب! هڪ ڳالهه ڪرهان پوءِ دل ۾ ڏ. ڪين ڪندان؟" رامڪرشن هوائدو ه

روپ مڌسودن شيام جا اهو درشن جنهن کي ملي ٿو
سو سڀاڳو آ.- ”جڏهن ڏسڪندا هون اوڏو ئي اوتهين ٿو رهي.“
اهو درشن ملي ٿو ڀڳوان جي ڀڳتن کي، سنتن کي،
رشين کي، گيانين کي، ڀڳوان جي پيارن کي.

اهڙو درشن مليو هڪ ڀڳت کي جنهن جو نالو
ٻنداٻن جو ڀڳت گداڌر. گداڌر هو اڪ وياولي شيام
جي ۽ ڀڳت گداڌر کي اهو درشن مليو :- ”جڏهن ڏسڪندا
هون اوڏو ٿو اوتهين لسون هندو.“ ارجن ! جس لهڻ
ڪٿي ٿون ڪٽي ٿون لهارين، هل لسين اڇ روپ
مڌسودنا ۽ هن ڀڳت اهو ساڌن ڪيو. وياولي ٿو ڪ
جو ساڌن هن ڪيو. سالن جي ساڌن ڪاڻ هڪ
پيارو مڌسودن شيام کي هرهنڌ، هر مڪان ڏسڻ لڳو.
ڀڳت گداڌر، جهڙي ڪونهن ڪيترا ڏينهن ٻنداٻن
جو ڀڳت، شيام جو پيارو، سڀاڳو ٿيو ڇو ته ڪنهن
اهو درشن مليو !

ٻنداٻن ۾ روز ستسنگ ڪري ٿو، روز ڀاڳوت
پراڻ مان ڳالهيون ٿو پڙهي. سندس درشن ڪرڻ لاءِ
ڪيترا ڳوٺن مان، نزديڪ ڳوٺن مان اچن پيا. هڪ
ڏينهن، هڪ نزديڪ ڳوٺ ۾ هڪ مهنت آهي : گداڌر
جي ساک پڌي ٿو. هن مهنت وٽ اڇتا ڪي ۽
ڪنهن چوليا :- ”سالهن ! ٻنداٻن ۾ هڪ لعلن جوسي

ڀڳت گداڌر

گيتا جو اڌياءِ ڏهون، اُن جو نالو آهي وڀوتي يوڳ. گرديو سمجهائي ٿو اَرجن کي ته سنسار سارو آهي ايشور جي وڀوتي. وڀوتي معنيٰ تصوير، شڪل، مُورت. سڀڪجهه جيڪي آهي، اِهو سائينءَ جي مورت آهي. ٺهڪري ايشور جا پيارا ٿڌ ٿڌ هيٺين ڳالهين ۾:- "جڏر ڏسندا هُون اُوڏر اوڀهين ٿون هر اِها سڀ مورتون آهن هڪ صورت جون. باغن ۾ پُهپ روپ منهنجي شيام جا، قدرت جا پهاڙ منهنجي پياري شيام جا، وڻ ٽڻ، باغ بهاري، گل ڦل سڀ منهنجي پياري شيام جا. ۽ اِهو اِڪ اِنسان به آهي روپ شيام جو. جڏهن ستسنگ ۾ اچان ۽ هڪ منٽ ويهي اُوهان اَکيون سو جهڪايان، تڏهن ٻاٽ کي چوان ته "هي ته ستسنگ به آهي وڀوتي منهنجي شيام جي."

سڀ ڪجهه ايشور جو آهي سنت رشي به آهن

هي ڀيٽو سياڻپون . ٻه هن ستسنگ ۾ مان ٿي نياڻو ، ڇو ته مولڪي دواڻ اچڻي لڳو مهنجون اکيون کلڻون . سڪل اوت مهنجا نيڻ . هن ستسنگ ۾ مان نياڻو . ٻوءِ واچارو ٿئيس ٿو :- " ماڻهو ڇا چوندا ؟ مان مهنت : مهنجي وڏي گدي ، مون کي ڪيترا نه شش . ماڻهو ڇا چوندا ؟ ڪيترن ستسنگ ۾ رنو ،- مهنجون اکيون سڪل ٿي سڪل . ماڻهو چوندا :- 'هن مهنت کي ڪهڙي ڪانهي .' واچار ٿئيس ٿو ته لوڪن ۾ مهنجي کلا ٿيندي ."

ٻئي ڏينهن ڇا ٿو ڪري ؟ ٻئي ڏينهن ته اچڻو ستسنگ ۾ : ڇا ڪري ؟ ٻاڻ سان لال مرچ ڪٽي اچي اچو لڳائي . ٻوءِ ڇا ٿو ڪري ؟ ستسنگ ٻوري ٿڦ ڪان اورو اڳ . ڪنهن نه ڪنهن بهاني اها اندڙي ڳوڙي کولي ٿو ۽ لال مرچن سان اکيون مهٽي ٿو . اکين مان پاڻي اچي ٿو . مهنت چوئڻو . مهنت چوئڻو ٻاڻکي :- " اڄ مهنجي ٻئي سالين رکندو . اڄ ستسنگي ڏسندا ته مهنت جي اکين مان به پاڻي پيو اچي ." ٻه هڪ ماڻهوءَ ڏسي ورتو ته هن مهنت لال مرچ اکين ۾ وڌا الڻهن کمس ، اکين مان پاڻي آيو . هو چوي ٿو :- " هي ڪهڙو پاکنڊ ؟ هيڪي سچو روئڻ نه اچڻي لڳو . هي ته پاکنڊي آهي ."

جاڳيو آهي. ٻانداڻ ۾ آهي هڪ ڪوهن ٻگهه ٻلاڙو.
روز روز سنسنگ ڪري ٿو. الائي ڇا ٿو ڪري؟
دلين تي ڪهڙو جادو لڳائي ٿو. سائين! سنسنگ ۾
ڪيترا نه اچن ٿا. سائين اوهين به جيڪو هن شام
ٻگهه جو درشن ڪريو."

مهيس چوڻ لڳو:- "سپاهي اسين هلون ٿا:-
"هي مهيس اچي ٿو پنهنجي ڪڏهن گدائي جي سنسنگ
۾: اچي ويهي ٿو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري، عجب
۾ ٻڏي ٿو. هي ڇا آهي؟ سنسنگ جو آسڻ ڀانوري
ٻنهي سان ٻڌل. هيٺ گدائي جو پاسو ٻڌي ٿو. ٻو
نهاري ٿو: ڇا ٿيو آهي؟ مهيس چوي پيو پاڻ کي:
"مان ڪٿ آيو آهيان؟ ڪٿ وڃو آهيان؟" مهيس
جي پاسي ڪان وڏا آهن ڪي. پاڻ سڏڪا پيا پوان
وري نهاري ٿو پنهنجي طرف پنهنجون ڏي: ڳوڙها پنهنجون
ڳاڙين. سپاهيون سي پنهنجو پنهنجون سڏڪا پوان:- سڪ
جا سڏڪا، گدائي جي اٿي عجب، جنا نه مولهون
پنهنجون وڃن. هن جو منو آواز. ٻو انڪان وڏيڪ هن
جي منهي دل. هنجون منهون ڳالهيون. انديش پور
اٿي ٿو گدائي جو. مهيس پيو سمجهي جنا نه هڪ
جادوگر آيو، جنهن اچي جادو لڳايو. عجب ۾ ٻڏيو
پيو مهيس چوڻ پاڻ کي:- "هي پاڻ سپاهي

ٻڌو ڪجهه غريبن جي شوا ڪن ٿا يا نه؟ جي نه ته
منهنجو فرض آهي ته مان ٻنهي کي سزا ڏيان. منهنجون
اکيون شيام ڏي نهاريون ٿيون يا نه؟ جي نه ته مون
کي کپي ته اکين کي سزا ڏيان. منهنجا ڪن شيام جو
ڪيرتن ٻڌن ٿا يا نه؟ جي نه ته ضروري مون کي
کپي ته ڪنن کي سزا ڏيان. منهنجي زبان ڪيرتن
ڪري ٿي يا نه؟ جي نه ته مون کي کپي ته زبان کي
سزا ڏيان. سائين! اها سکيا توهان چڱيءَ طرح سمجهي
آهي، جو ته هيٺئين هڪ ستسنگيءَ چيو ته اوهان
سکيا توهان چڱيءَ طرح سمجهي آهي، جو ته هيٺئين
هڪ ستسنگيءَ چيو ته اوهان اکين کي لال مرچ لڳايا.
آهي اکيون، جي شيام ڏي نه نهارين انهن کي ته
موچڙا هڻڻ کپن. توهان ٻانهن کي سزا ڏئي. ڏنهن
اوهين ڏنهن اوهان جون اکيون. * انهن جئي مهنت
جي چرڻن ۾ ڪري پوي ٿو. پوءِ انهي مهنت کي
ٻاڪي پائي ٿو. ڀڳت جي ٻاڪيءَ ۾ الائي ڇا آهي!

شري رام ڪرشن پرمهنس جن جي ان وقت ۾
وقت لهر چڙهندي هئي: ٻـوءِ چاهيندو هو
ڪڏهن پنهنجي ٻياري کي آسيس ڪريان. پوءِ خبر
آئو ڇا ڪندو هو؟ انهي ٻيهي ان ٻياري کي ٻاڪي
پائيندو هو. هيءَ ڀڳت گدائر هن مهنت کي ٻاڪي

۽ سنگتيءَ پنهنجي اُستاد ۽ وچي اُو گڏاڻو وٽ
۽ چولائو ته "سائين ! اُوهين ته ڀڳت : اُوهين ش
جي ٽوار. ٻو هيءُ مهمت ڪهڙو ؟ سنت سنگ
ڪلهه ٻه آهو، اَج ٻه آهو. مون ڪيس ٻڪڙاءُ. سائ
هن لال موچ اَکين ۾ وڌا تلهين ڪيس اَکين ٻاهر آهو

ٻو گڏاڻو ته هو سڀو ڀڳت. هو ٿ. اِڪ اِڪ
ڏسي اُو ڌمار جي ٽوار. چولائو ته "ٻارا ! مه
ڪٿي آهي ؟" "سائين ! درون آهه." گڏاڻو ٻو
وڃي اُو مهمت جا چوڻ ٻڪڙي. ٻوءِ چا اُو ٿئو
ڏسو ! هن ڀڳت جي ترشٽي ڪهڙي ؟ اَسين ڀي
عيب ڏسون. جي ڪنهن ۾ عيب ته ٻه هجن ته
لي عيب مڙهون. ٻو هيءُ ڀڳت ته ڪُو ٽواڪ ه
هن جي ترشٽي سندر. هن مهمت جي چوڻ ۾ ڪ
ٻوي اُو. ٻوءِ ٻئو چا اُو چوي ؟ "سائين ! اُو
ڏاڍو آهيو : ۽ اُوهانجون اَکيون ٻه ڏن. چو ته اُو
اَکين کي ٻه سزا ڏائي آهي. سائين ! شاسترن ۾ لڪ
آهي ته جو اَنسگ ٻواڻ کي ڏٺو ياد ڪري، اُن
سزا ڏيڻ کپي.

"منهنجا همت ياد ڪن ٿا شيام کي ٻا
منهنجا همت ڪو ڪبر ڪن ٿا غونن جي هموا واسط
جي ته ته مون ڪپي ته هٿن کي مان سزا ڏيان منه

جي ڄاڻ جو جيڪر ٿورو وچار ڪرڻو .

هڪ چور جي ڳالهه . اڪ رات اڪيس وڏو هو ٻهڪي ڪمري ۾ . اوچتوئي اوچتو ان ڪوليءَ ۾ ٿي آئي ٿو اڪ چور . چور ڇا ٿو ڪري ؟ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو . گدادر کي ڏسي ٿو . خبر اٿس ته هيءَ گهر گدادر جو آهي ۽ ٻيو سمجهي ته هن گهر ۾ ڌن هوندو . هن جا ڪپڙا ته شش آهن . چور ٻيو سمجهي ته گدادر جي گهر ۾ ڪو خزانو هوندو . چوري ڪرڻان ته هن گهر جي . ٿي آئي ٿو گهر ۾ . ڏسندو ته ڪولي کولي آهي . گدادر ته ان گهر ۾ ويٺو آهي . گدادر ٻيو چوي ٿو :- ” ڏسان ته چور ڇا ٿو ڪري ؟“ ڪوليءَ اندر ڪي ڪپڙا آهن . ڪپڙا ڪٺا ڪري ٿو . ڪوليءَ ۾ چانديءَ جي ٿالهي آهي ، جنهن سان گدادر شيام جي آرتي ڪري . ٿالهي ڪڍي ٿو . ڪوليءَ ۾ هڪ چانديءَ جو پيالو آهي جو هڪ شرڌالوءَ ڪيس ڏنو آهي . اهو چانديءَ جو پيالو به چور ڪڍي ٿو . هيٺئن گدادر ڪنڊ مان لڪي اچي پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو . پيون به شيون ڪوليءَ ۾ رکيون آهن . کي سندر شيما رکيا آهن . سڀ سندر شيون ڪڍيون ڪري هيٺئن اچي ٿو . چور کي خبر ڪانهي ڇو ته چور رڌل رهي ٿو هڪ ڪم ۾ . شيون ڪڍيون ڪري

ٻاڪي ٿو، ڇاتيءَ سان لڳائي ٿو. مهنت اُٿون ٿي ٻوڙيو. مهنت کي ڀڳت جي مهر ملي ٿي ۽ مهنت ۾ اُچي روئڻ ۾ چڙهي ٿو. روئي ٿو، روئي ٿو ۽ زارون زار روئي ٿو. گداڌر کي چوي ٿو:- "سائين! الائي ڪيئن اوهانجي لطف جي لهر مون کي لڳي آهي. هن وقت کان اوهان جو شش آهيان، مونکي قبوليو پنهنجي چرڻن ۾." اُن وقت کان هيءُ مهنت ڀڳت ٿي پيو ٿو. جئن جوت منجهان جوت جاڳي، تئن ڀڳت جي ڇهڻ مان ڀڳتي ڪلي ٿي ۽ سڄو ڀڳت ٿي پيو. هن مهنت جي اندر عجيب ڀڳتي ڪلي ٿي! سڀاڳو! سڀاڳو!

هيءُ ڀڳت گداڌر ۾ شيام جي واولي هو. شيام جي جوت هو، شيام جي مهر، فضل جو پرڪاش هو. ڪيترن کي نه هن ڀڳت گداڌر تاريو. ڪيترن کي نه هن ڀڳت گداڌر پنهنجي ٻاجهه ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو. هن ڀڳت جي جيون مٺي. هن ڀڳت جي جيون ۾ بانسري، مرلي ٻيٺي ڳائي، شيام ٻئي پنهنجي گيتا جو گيت هن ڀڳت جي جيون ۾ ڳايو. هيءُ ڀڳت ٿي ٻيو تصوير- گيتا جي تصوير. مان نه اُچي جئن سان گيتا جي سکيا ڏيان ٿو ۽ هن ڀڳت گداڌر پنهنجي جيون ۾ گيتا جو گيت ڳايو. تنهن ڪري هن ڀڳت

[٣٠]

سچو براهمڻ

آڌياءِ ١٠، شلوڪ ٦ ۾ شري ڪرشن ڀڳونجي پياري ارجن کي چوي ٿو:- پيارا سمجهه ته مان توکي سمجهايان ٿو سرشٽيءَ جو وهنوار ڪٿان آيو آهه؟ هيءَ سنسار، هيءُ جڳ سارو، هيءَ رچنا ساري هڪ ٻوٽوءَ وڻان آئي. ڪيئن آئي؟ ارجن! سو جيڪر سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان. هيءَ رچنا ڪيئن ٿي؟ قدرت جا رنگ نيارا ڪٿان آيا؟ هيءُ جڳت سارو ڪٿان پرڪاش ٿيو؟ ارجن! سمجهه تون ته اوائل ۾ هو اڪ. اُن اڪ کي ڪوٺين برهم، ٻوٿو، ايشور. ارجن! ٻوءِ اُن اڪ جي ڏيان مان ست رشي ۽ چار منو آيا. ۽ ٻوءِ سرشٽيءَ جو وهنوار چڪر هلڻ لڳو. ستن رشين بابت تورو ڪي مون اڳئي ٻڌايو آهي. ۽ اهي ست رشي ٻوءِ مان آيا ۽ ٻاڻ سان اڪ روشني ڪڍي آيا.

ڳنڍڙيءَ ۾ ٻڌي ٿو. پوءِ سوچي ٿو ته اها ڳنڍڙي ڪٿي لڪائو
سگهان. سو پڪڙ اها ڳنڍڙي پنهنجن ڪلهن تي کڻيو.
"سائين! توهان جو نالو ڪهڙو؟" گدادر چوي
ٿو:- "پيارا! ڊپ نه ڪر. مان گهر جو مالڪ آهيان.
تون ڊپ نه ڪر. تون پيون شيون نه کڻ. مان اهي
شيون توسان گڏ کڻي هلان ٿو." جڏهن ته ائين چوي
ٿو: پوءِ ڇا؟ مون ڇو نه. جنهنجي دل مٺي آهي،
اُن جو آواز به مٺو آهي. گدادر جي دل پياس سان
ڀريل آهي. جڏهن نه چوڻو:- "پيارا! ٻيا به ٽمـر
ڪڍ." اهي اکر چور ٻڌي ٿو: چور جي اکين ۾
پاڻي اچي ٿو. اچي ٿو روئڻ ۾ ڇڏڪي. گدادر چوي
ٿو:- "پيارا! تون روئين ڇو ٿو؟ ڪس ڪنڌي نه
تڪليف ولي تون رات جو اوندهه ۾ هت آيو آهين.
پيارا! جيڪي توکي کپي سو تون کڻي وڃ." هي ته
ته سچو ڀڪت هو ۽ شيام جو سچو شش سو آهي جنهن
کي لوڀ ڪانهي. هنکي عجيب نظرس هڻي ۽ تنهن
سان گڏ هيءُ گدادر هو نرلوڀي. اهڙي پدارت لاءِ
هنکي موهه ڪانهي. جڏهن گدادر جا مٺا اکر ٻڌي
ٿو، پس! اچي ٿو زاروزار روئي. هن ڀڪت چور ۾
به ٿئي وهوڻي شيام جي. شيام آءٌ گنهگارن ۾، پاپين
۾، جوئارين ۾، شرابين ۾. شيام جي وهوڻي آءٌ اُنهن
سڀني ۾. هن پياري هن وهوڻيءَ جو سائين ڪيو!

قانونن جي خبر ڪانهي . ان ڪري سنگت وڃي ٿي
ڪرندي. اسانجون ڇوڪريون شاديون ڪن : پوءِ اسين
ليائين سان ڪهڙي هلت ٿا ڪريون ؟ اسين مرد،
اسان کي سڀ حق آهن . ڇوڪرين کي وري حق ڇا
جا ؟ ويچاريون ڇوڪريون ٻئون ٻپ ۾ رهن . اسين
مرد چئون :- "جيئن اسان کي وڻي تيئن اسين
ڪنداسين : ڇوڪرين جا حق اسين ڪٿا سڃاڻون." ۽
سنگت وچ ٿي ڪرندي .

سنگت لاهن ڇڙهندي جڏهن اسانجي سنگت
قانونن ۾ هلندي . ڪي اهم آهن . پڙهيل ، هوشيار
نوجوان ڏسو وڏي ڏاڍي ليکي وٺن ڪان ڪمائين
ڪن . ڇون ته اهو رواج آهي . اهو رواج وڃي ٿو
اسانجي ٻنگت کي ڪمزور ڪندو . ڪيترائون ئي
ڇوڪريون هن وقت ڏک ۾ آهن . اسان جي گهرن ۾
ڏک ، اسان جيءَ ٻنگت ۾ ڏک : ڇو ته اسين قانون ،
